قرآني بيان


# مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبوبيت

**05-September-2025**

مدني مراڪز (فيضان مدينه) ۽ شعبه امام مساجد (دعوت اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

جمعة المبارک جو

(For Islamic Brothers)



مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امامِ مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
5 سيمتمبر 2025ء (اسلامي تاريخ: 12 ربيعُ الاول 1447ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

# مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي محبوبيت

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... جبريل عَلَیْہِ السَّلَام جي پياري آقا سان محبت

✿... وَحي رکجڻ جون ڪجھ حڪمتون

✿... نورِ مصطفيٰ جي حفاظت جا انداز

✿...گستاخن تي باھ وسي پئي

پیشکش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهِ وَسَلَّم **جو فرمان آهي:** توهان پنهنجين مجلسن کي مون تي درودِ پاڪ پڙهي سينگاريو(Beautify) توهان جو مون تي درود پڙهڻ قيامت جي ڏينهن توهان جي لاءِ نور هوندو.[1]

تیری اِک اِک ادا پر اے پیارے | سَو درودیں فداء ہزار سلام
رَبِّ سَلِّم کے کہنے والے پر | جان کے ساتھ ہوں نثار سلام
وہ سلامت رہا قیامت میں | پڑھ لیے جس نے دِل سے چار سلام [2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِي الْقُرْآنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

مَا وَدَّعَكَ رَبُّكَ وَمَا قَلٰى ط ﴿۳﴾ (سيپارو: 30، والضُّحيٰ: 3)

صَدَقَ اللهُ الْعَظِيْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1]... جامع صغير، صفحه:280، حديث:4580ـ

[2]... ذوقِ نعت، صفحه:170-171ـ

پيارا اسلامي ڀائرو! سورة وَالضحيٰ جي پهرين ٻن آيتن ۾ اللّٰه پاڪ ٻن شين جو قسم کنيو آهي. اهي ٻه شيون ڪهڙيون آهن؟ عالِمن انهن مان ڇا ڇا مراد ورتو آهي؟ اها وضاحت اسان ٻڌي چڪا آهيون، اڄ سورة وَالضُّحيٰ جي ٽين آيت اسان جو موضوع (Topic) آهي ۽ اها آيت انهن ٻن قسمن جو جوابِ قسم آهي. يعني اهي ٻه قسم جيڪي اللّٰه پاڪ کنيا هئا، اهي ڇو کنيا هئا؟ اهو ٻڌائڻ لاءِ ته

مَاوَدَّعَكَ رَبُّكَ وَمَاقَلٰى ﴿۳﴾ؕ

(سيپارو: 30، والضُّحي: 3)

ترجمو ڪنزُ العرفان: تنهنجي رب نه توکي ڇڏيو نه ناپسند ڪيو.

اسان ٻڌو هو ته جڏهن پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جن نبوت جو اعلان فرمايو، ان ڪانپوءِ ڪجهه ڏينهن لاءِ وحي اچڻ بند ٿي وئي هئي، ان تي مڪي جي ڪافرن اعتراض ڪيو، پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۾ گستاخي ڪئي ۽ ايستائين چئي ويا ته مُحَمَّد (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم) کي سندن رب ڇڏي ڏنو آهي. ان جي ۾ جواب هيءَ آيت نازل ٿي، اللّٰه پاڪ فرمايو: اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! اسان کي ضُحيٰ جو قسم! ۽ لَيل جو قسم جڏهن اها ڇانئجي وڃي، توهان جي رب توهان کي نه ڇڏيو آهي، نه ئي هو توهان کان ناراض ٿيو آهي.(1)

ڀلا ائين ڪيئن ٿي سگهي ٿو ته توهان جو رب توهان کي ڇڏي ڏئي جڏهن ته

| | |
|---|---|
| جتنا مرے خُدا کو ہے میرا نبی عزیز | کونین میں کسی کو نہ ہو گا کوئی عزیز |
| جو کچھ تری رضا ہے خُدا کی وہی خوشی | جو کچھ تری خوشی ہے خُدا کو وہی عزیز |
| کونین دے دیے ہیں ترے اختیار میں | اللہ کو بھی کتنی ہے خاطر تری عزیز(2) |

1… تفسيرِ ڪبير،پاره:30،الضحٰى،زيرِ آيت:3،جلد:11،صفحہ:192خلاصۃً۔

2… ذوق نعت، صفحہ:135-136 ملتقطاً۔

**وضاحت:** جيترو الله پاڪ کي پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت آهي، ڪائنات ۾ ايتري محبت ٻئي ڪنهن کي ڪنهن سان ناهي. اي پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جيڪا توهان جي رضا آهي، الله پاڪ جي بہ اها ئي رضا آهي، جيڪا توهان جي خوشي آهي، الله پاڪ کي بہ اها ئي ڳالهہ عزيز آهي. الله پاڪ کي اوهان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان اهڙي محبت آهي جو ان ربِ ڪائنات سڄو جهان اوهان جي قبضي ۽ اختيار ۾ ڏئي ڇڏيو آهي، ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ الله پاڪ کي اوهان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دل خوش ڪرڻ ڪيترو عزيز آهي.

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هيءَ آيت جيڪا اسان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، ان ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا بي مثال (Extraordinary) شان بيان ٿيا آهن. آيت جي وضاحت ٻڌڻ کان پهريان، هڪ ايمان افروز روايت ٻڌو!

## جبريل عَلَيْهِ السَّلام جي پياري آقا سان محبت

روايت آهي تہ فتْرتِ وحي (يعني وحي رڪجي وڃڻ جي ڏينهن) کان پوءِ جڏهن حضرت جبريل اَمين عَلَيْهِ السَّلام وحي کڻي آيا تہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: توهان نہ آيا، مون کي توهان جي اچڻ جي آرزو هئي؟ حضرت جبريل امين عَلَيْهِ السَّلام عرض ڪيو: كُنْتُ اِلَيْكَ اَشْوَقَ وَلٰكِنِّيْ عَبْدًا مَاْمُوْرًا يعني (يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم!) مون کي بہ توهان جي بارگاهہ ۾ حاضري جو گهڻو شوق هو پر مان ٻانهو آهيان، حڪمِ اِلاهي جو پابند آهيان.[(1)]

نہ لگتا تھا سدرہ پہ جبریل کا دِل
گوارا نہ تھی ان کو فرقت نبی کی[(2)]

**سُبْحٰنَ الله!** ڪهڙي نرالي محبت آهي، حضرت جبريل اَمين عليهِ السَّلام ملائڪن جا سردار آهن، الله پاڪ جا مُقرَّب آهن پر پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا خادم آهن، پاڻ کي رسولِ اڪرم، نورِ مجسم

---

1...تفسير کبير،پاره:30،الضحیٰ،زيرِ آيت:3،جلد:11،صفحه:193۔
2... قبالۀ بخشش، صفحه:315۔

سان بي پناهہ محبت آهي، ان ڪري ئي تہ عرض ڪري رهيا آهن: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون کي توهان جي خدمت ۾ حاضري جو گهڻو شوق هو، توهان جي جدائي ۾ مون کي بہ چين نہ هو پر مان الله پاڪ جي حڪم جو پابند آهيان.

بے لقائے یار اُن کو چین آ جاتا اگر
بار بار آتے نہ یوں جبریل سدرہ چھوڑ کر (1)

**وضاحت:** حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام سِدْرَةُ الْمُنْتَهٰى کي ڇڏي بار بار بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيندا هئا، هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪين محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جدائي ۾ چين نہ ايندو هو، اگر چين ايندو هجي ها تہ بار بار ايڏو ڏکيو سفر نہ ڪن ها.

## جبريل عَلَيْهِ السَّلَام جون بارگاهِ رسالت ۾ حاضريون

امام عمر بن علي حنبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا:❁حضرت جبريل امين عَلَيْهِ السَّلَام حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام وٽ 12 ڀيرا تشريف فرما ٿيا ❁حضرت ادريس عَلَيْهِ السَّلَام وٽ 4 ڀيرا آيا ❁حضرت نُوح عَلَيْهِ السَّلَام وٽ 50 ڀيرا آيا❁حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام وٽ 42 ڀيرا آيا❁حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام وٽ 400 ڀيرا آيا❁پر پياري آقا، محبوبِ خدا، امامُ الانبياء صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ (12 ڀيرا نہ، 20 ڀيرا نہ، 50 ڀيرا نہ، 2، 4 سئو ڀيرا نہ، هزار، 2 هزار ڀيرا نہ بلڪ) حضرت جبريل امين عَلَيْهِ السَّلَام منهنجي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ 24 هزار ڀيرا حاضر ٿيا.(2)

الله! الله! ڇا شان آهي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي پهرين وحي نازل ٿيڻ کان وٺي دنيا مان ظاهري پردو فرمائڻ تائين تقريباً 23

1... ذوق نعت، صفحہ:133۔
2...اللباب فی علوم الکتاب،پارہ:19،الشعراء،زیرِ آیت:192،جلد:15،صفحہ:79ملتقطًا۔

سالن جو عرصو (Period) آهي. انهن 23 سالن ۾ حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام 24 هزار ڀيرا بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا. جيڪڏهن اسان ان جو اوسط (Average) ڪڍون ته روزانو لڳ ڀڳ 6 ڪان 7 ڀيرا حاضري ٿئي ٿي. هاڻي غور فرمايو! ڪٿي سِدْرَةُ الْمُنْتَهٰى...!! هزارين سالن جو سفر...!! حضرت جبريل اَمين عَلَيْهِ السَّلَام اتان ڪان محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ بار بار حاضر ٿيندا هئا.

بار بار آتے تھے جبریلِ امیں | اس قدر مرغوب تھا کوئے حبیب(1)

## جبريل عَلَيْهِ السَّلَام تي ڪرم نوازيون

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ ته هئي حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام جي بارگاهِ رسالت ۾ حاضري جي ڪيفيت...!! هاڻي ان جو صلو ڇا مليو؟ محبتِ رسول جي صدقي، خدمتِ رسول جي صدقي، بارگاهِ رسالت ۾ بار بار حاضري جي صدقي، پاڻ تي ڪهڙيون ڪرم نوازيون ٿيون؟ سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

پائے جبریل نے سرکار سے کیا کیا القاب
خُسْرَوِ خیلِ ملک، خادِمِ سلطانِ عرب(2)

**وضاحت:** يعني حضرت جبريل امين عَلَيْهِ السَّلَام پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪان ڪهڙا ڪهڙا اعليٰ لقب حاصل ڪيا جو ان ئي در جي غلامي جي صدقي پاڻ فرشتن جا سردار سڏايا ۽ ان ئي در جي خدمت جي بدولت پاڻ کي خادمِ سلطانِ عرب هجڻ جو شرف به مليو.

فرشتوں میں افضل کیا یُوں خُدا نے
کہ کرتے تھے جبریل خِدمت نبی کی(3)

---

1... قبالهٔ بخشش، صفحه:109۔
2...حدائق بخشش، صفحه:59۔
3...قبالهٔ بخشش، صفحه:313۔

پيارا اسلامي ڀائرو! هتان کان محبتِ مصطفيٰ جي فضيلت (Importance) بہ معلوم ٿي وئي، عشق ۽ محبت جي سبب بارگاهِ رسالت ۾ حاضري لاءِ تڙپڻ ۽ مديني پاڪ بار بار حاضر ٿيڻ جي فضيلت بہ معلوم ٿي وئي تہ حضرت جبريل امين عَلَيْهِ السَّلَام محبت کن، بار بار پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿين تہ اهڙيون ڪرم نوازيون ٿينديون آهن جو اسان غلام حاضر ٿيون، اسان مديني جي ياد ۾ تڙپون، اسان پنهنجي آقا و مولا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت ڪيون، سندن سنتن تي عمل ڪريون تہ ڇا اسان محروم رهجي وينداسين؟ جيتوڻيڪ اسان گنهگار آهيون، اسان ناقص آهيون، بيڪار آهيون، حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام جي تہ راهہ گذر جي ويجهو بہ ناهيون پر

شانِ کرم کو اچھے بُرے سے غرض نہیں | اس کو سبھی پسند ہیں، اس کو سبھی عزیز (1)

الله پاڪ اسان کي محبتِ مصطفيٰ نصيب فرمائي، ڪاش! مديني جي يادن ۾ تڙپڻ نصيب ٿي وڃي، ڪاش! بار بار طيبہ جي حاضري جي سعادت ملي وڃي ۽ ڪاش! صد ڪروڙ ڪاش! سنهري ڄاريون هجن، گنبدِ خضراء جو رحمت ڀريو ڇانو هجي، چپن تي درود ۽ سلام جا نغما هجن، اهڙي حالت ۾ دم نڪري، لاش تڙپي ۽ مصطفيٰ جانِ رحمت، شمعِ بزمِ هدايت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدمن ۾ ڪري روح پرواز ڪري وڃي.

مدینے جائیں، پھر آئیں، دوبارہ پھر جائیں | اسی میں عمر گزر جائے یاخُدا یارَبّ!
مرا ہو گنبدِ خضرا کی ٹھنڈی چھاؤں میں | رسولِ پاک کے قدموں میں خاتمہ یارَبّ! (2)

## محبوبيتِ مصطفيٰ

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ فرمايو:

---

1...ذوق نعت، صفحہ:135۔
2... وسائل بخشش، صفحہ:87۔

مَاوَدَّعَكَ رَبُّكَ وَمَاقَلٰى ؕ ﴿۳﴾
(سيپارو: 30، والضُّحيٰ: 3)

ترجمو كنزُ العرفان: تنهنجي رب نہ توکي ڇڏيو نہ ناپسند ڪيو.

هيءَ آيت ڪريمہ محبوبيتِ مصطفيٰ جو مختصر بيان آهي، هونئن الله پاڪ کي پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سان ڪيتري محبت آهي، اسان ان جو اندازو لڳائي ئي نٿا سگهون. اسان ان محبت جو وڌ کان وڌ بيان ڪري سگهون ٿا تہ صرف ايترو ئي تہ

کسی کو کسی سے ہوئی ہے نہ ہو گی | خُدا کو ہے جتنی محبّت کسی کی (1)

مطلب تہ: الله پاڪ کي پنهنجي محبوب سان ڪهڙي محبت آهي؟ ڪيتري محبت آهي؟ اسان نہ ٿا ڄاڻون، نہ ئي ڄاڻي سگهون ٿا، البتہ هن آيت ۾ ان محبت جون ڪجھ جهلڪيون ڏسڻ لاءِ ملن ٿيون.

## وَحي رڪجڻ جون چند حڪمتون

سيِ ڪان پهريان تہ ان ئي ڳالھ تي غور فرمايو تہ ڪجھ ڏينهن لاءِ وحي اچڻ بند ٿي وئي هئي، غير مسلمن ان کي غلط نگاھ سان ڏٺو، ان مان منفي (Negative) نتيجو ڪڍيو، اهي سمجهيا تہ جوتہ وحي نازل نٿي ٿئي، تنهنڪري ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي رب کين ڇڏي ڏنو آهي، ڪانئن ناراض ٿي ويو آهي. انهن جو پنهنجو نقطہ نظر هو، ظاهر آهي جهڙو دماغ هجي، اهڙي ئي سوچ هوندي آهي. ڪافرن منفي سوچيو، الله پاڪ فرمايو:

مَاوَدَّعَكَ رَبُّكَ وَمَاقَلٰى ؕ ﴿۳﴾
(سيپارو: 30، والضُّحيٰ: 3)

ترجمو كنزُ العرفان: تنهنجي رب نہ توکي ڇڏيو نہ ناپسند ڪيو.

هاڻي هتي جيڪا سمجهڻ جي ڳالھ آهي، اها هيءَ آهي تہ الله پاڪ ڪافرن جو تہ رد فرمايو تہ وحي جو ڪجھ ڏينهن لاءِ رڪجي وڃڻ، ان ڪري ناهي تہ الله پاڪ توهان کي ڇڏي ڏنو آهي بلڪ ان جون حڪمتون ڪجھ ٻيون آهن.

1... ذوق نعت، صفحہ:234۔

هاڻي اهي حڪمتون ڪهڙيون آهن؟ عالمن جو چوڻ آهي تہ وحي نازل ٿيڻ معمولي ڳالهہ نہ هئي، اللّٰه پاڪ قرآن ڪريم ۾ ٻڌايو آهي تہ جيڪڏهن هي قرآن جبل (***Mountain***) تي نازل ڪيو وڃي ها تہ ان جي بار سان جبل ٽڪرا ٽڪرا(***Crumble***) ٿي وڃي ها، يعني وحي اچڻ ايترو ڳرو هوندو آهي. تنهنڪري اللّٰه پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم تي هڪ ئي وقت وحي نازل نہ فرمائي بلڪ پهرين وحي اچڻ شروع ٿي، پوءِ ڪجهہ عرصي لاءِ روڪي وئي، پوءِ وحي شروع ٿي، پوءِ ڪجهہ ڏينهن لاءِ رڪجي وئي، ائين آهستي آهستي وحي جو سلسلو جاري ڪيو ويو، ڇو؟ تہ جيئن ۞محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم کي مشقت نہ ٿئي ۞دل مبارڪ تي بار نہ وڌي ۞قلبِ اقدس کي اطمينان ۽ سڪون بہ رهي ۽ ۞شوقِ وحي بہ وڌندو رهي.[1]

اللّٰه! اللّٰه! غور فرمايو! اللّٰه پاڪ کي پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم سان ڪهڙي نرالي محبت آهي، محبوبِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي دل مبارڪ تي بار پوي، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم کي مشقت ٿئي، اللّٰه پاڪ کي اهو بہ هرگز گوارا ناهي، تنهنڪري آهستي آهستي (Gradually) وحي جو سلسلو جاري ڪيو ويو.

واہ کیا مرتبہ ہوا تیرا | تُو خُدا کا ہوا تیرا
ایک عالَم خُدا کا طالِب ہے | اور طالِب خُدا ہوا تیرا (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## محبوب جي مشقت گوارا ناهي

سورة طٰهٰ ۾ اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

مَاۤ اَنْزَلْنَا عَلَیْكَ الْقُرْاٰنَ لِتَشْقٰۤى ۙ(۲)
(سيپارو: 16، طٰه: 2)

ترجمو ڪنزُ العرفان: اي حبيب! اسان اوهان تي هي قرآن ان ڪري نہ لاٿو جو اوهان تڪليف ۾ پئجي وڃو.

1...فتح الباری،کتاب بدء الوحی،3-باب ،جلد:1،صفحہ:37 خلاصتً۔
2...ذوق نعت، صفحہ:68-69 ملتقطاً۔

اللّٰهُ اڪبر! ڪهڙو شان آهي منهنجي محبوب آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو...!! روايتن ۾ آهي: پيارا نبي، سچي نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رات جو عبادت ڪندا هئا، ايستائين جو سندن پير مبارڪ سُڄي ويندا هئا (يعني Swellingتي ويندي هئي)، ان تي هي آيت نازل ٿي ۽ اللّٰه پاڪ فرمايو: اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان تي هي قرآن ان لاءِ نہ لاٿو ويو آهي تہ توهان پاڻ کي مشقت ۾ وجهي ڇڏيو.[1] بلڪ اي پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم!

| | |
|---|---|
| قُمِ الَّيْلَ اِلَّا قَلِيْلًا ۙ﴿۲﴾ نِّصْفَهٗۤ اَوِ انْقُصْ مِنْهُ قَلِيْلًا ۙ﴿۳﴾ (پاره:29، سورة المزمل:2-3) | ترجموڪنزُ العرفان: رات جي ٿوري حصي کان سواءِ قيام ڪر اڌ رات (قيام ڪر) يا ان کان ٿورو گهٽاءِ. |

حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه سورة طٰہٰ جي تفسير ۾ فرمائن ٿا: ٻين کي اعمال وڌيڪ ڪرڻ جو حڪم آهي پر حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اعمال گهٽ ڪرڻ جي هدايت آهي.[2]

۽ ان جي حڪمت (Wisdom) ڇا آهي؟ اها تہ محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مشقت ۾ پئجڻ اللّٰه پاڪ کي پسند ناهي.

| | |
|---|---|
| خُدا مدح خواں ہے خُدا مدح خواں ہے | مرے مصطفیٰ کا، مرے مصطفیٰ کا |
| خُدا کا وہ طالِب، خُدا اس کا طالِب | خُدا اس کا پیارا، وہ پیارا خُدا کا[3] |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حفاظتِ محبوب جا نرالا شان

پيارا اسلامي ڀائرو! اللّٰه پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| مَا وَدَّعَكَ رَبُّكَ وَمَا قَلٰى ؕ﴿۳﴾ (سيپارو: 30، والضُّحيٰ: 3) | ترجمو ڪنزُ العرفان: تنهنجي رب نہ توکي ڇڏيو نہ ناپسند ڪيو. |

1... تفسير صراط الجنان،پاره:16،طٰہٰ،زير آيت:2،جلد:6،صفحه:173 خلاصتًہ
2... تفسير نور العرفان،پاره:16،طٰہٰ،زيرِ آيت:2،صفحه:375۔
3... ذوقِ نعت، صفحه:57۔

هتي هڪ سوال ذهن ۾ اچي ٿو: الله پاڪ فرمايو: اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان جي رب توهان کي نہ ڇڏيو. سوال هي آهي تہ ڪڏهن نہ ڇڏيو ۽ ڪڏهن کان نہ ڇڏيو؟ مفسرينِ ڪرام ان جو جواب ڏنو، فرمائن ٿا: ”مُنْذُ اِخْتَارَكَ“ يعني اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جڏهن کان توهان جي رب توهان کي اختيار ڪيو آهي (يعني محبوب بڻايو آهي)، تڏهن کان (وني هينئر تائين ڪنهن ڏينهن، ڪنهن وقت، ڪنهن لمحي) توهان جي رب توهان کي نہ ڇڏيو آهي.(1)

يعني اي پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي تہ ڪجھ ڏينهن لاءِ وحي رڪجي وئي هئي تہ ڪافرن ان مان غلط نتيجا ڪڍڻ شروع ڪري ڏنا، اهي سمجهي ويا تہ توهان جي رب توهان کي ڇڏي ڏنو آهي، پر اي پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي انهن جي ناداني (Foolishness) آهي، حماقت آهي، توهان جو شان تہ هي آهي جو جڏهن کان توهان جي رب توهان کي پيدا ڪيو، ان وقت کان ئي توهان کي پنهنجو محبوب بڻايو آهي ۽ تڏهن کان وني هينئر تائين توهان هر هر لمحو پنهنجي ربِ ڪريم جي حفاظت ۽ نگهداشت ۾ آهيون، توهان جي ربِ ذيشان جي نظرِ عنايت هڪ لمحي لاءِ بہ توهان کان جدا ناهي ٿي.

## نُورِ مصطفيٰ جي حفاظت جا انداز

پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي ٿورو هي غور فرمايو! الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪڏهن کان پنهنجو محبوب بڻايو آهي؟ ان وقت کان جڏهن کان ڪين پيدا فرمايو آهي ۽ پيدا ڪڏهن فرمايو؟ حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَوَّلُ مَاخَلَقَ اللّٰهُ نُوْرِی (يعني جڏهن هي زمين بہ نہ هئي، آسمان بہ نہ هو، انسان، جن، فرشتا ڪجھ بہ موجود نہ هو، صرف الله پاڪ هو) الله پاڪ سڀ کان پهريان منهنجي نور کي پيدا فرمايو.(2) هي هزارين لکين سالن جو عرصو

1...تفسيرِ بغوی،پاره:30،الضحٰی،زيرِ آيت:3،جلد:4،صفحہ:632۔
2... مطالع المسرات ، الحزب الثانی فی يوم الثلاثاء،صفحہ:225۔

آهي، ان پوري عرصي ۾ محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم مسلسل الله پاڪ جي نظرِ عنايت ۾ محبت ۾ حفاظت ۾ نگهداشت ۾ آهن.

قرآنِ ڪريم ۾ هڪ مقام تي الله پاڪ فرمائي ٿو:

الَّذِیْ یَرٰىكَ حِیْنَ تَقُوْمُ(۲۱۸)لا وَ تَقَلُّبَكَ فِی السّٰجِدِیْنَ(۲۱۹) (سيپارو: 19، الشعراء: 218_219)

ترجموڪنزُالعرفان: جيڪو توکي ڏسي ٿو جڏهن تون بيهين ٿو ۽ نماز ۾ تنهنجي چڪر لڳائڻ کي (ڏسي ٿو).

هن آيت جو هڪ مطلب عالمن اهو بيان فرمايو آهي تہ اي محبوبِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کان وٺي حضرت عبدالله ۽ حضرت آمنہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا تائين توهان جا جيترا ابا ڏاڏا (Ancestors) آهن، سڀ جا سڀ عبادت گذار ۽ سجدا ڪرڻ وارا آهن، توهان جو نور مبارڪ جڏهن انهن ۾ دورو ڪري رهيو هو (يعني هڪ کان ٻئي ڏانهن منتقل ٿي رهيو هو) توهان جو رب ان وقت بہ توهان کي ڏسي رهيو هو.[1]

## آقا ڪريم تي ربِ رحمٰن جون مهربانيون

الله! الله! اي عاشقانِ رسول! ٿورو غور ڪرڻ جو مقام آهي، سمجهڻ جي ڳالهہ آهي تہ الله پاڪ کي پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪيڏي نہ محبت آهي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪهڙين نہ ڪهڙين عنايتن جي بارش آهي، الله پاڪ جڏهن کان پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نور مبارڪ پيدا فرمايو، تڏهن کان ان پاڪيزه نور کي پنهنجي خاص حفاظت ۽ نگهداشت ۾ رکيو۞پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي جو نور مبارڪ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي پيشانيءَ ۾ رکي ملائڪن کان ان کي سجدو ڪرايو ويو. ۞ پوءِ اهو ئي مبارڪ نور جڏهن حضرت شيث عَلَيْهِ السَّلَام جي مبارڪ پيشانيءَ ۾ چمڪيو تہ کين هر ميدان ۾ فتح عطا ڪئي وئي۞ پوءِ اهو ئي

1... تفسیر مظہری،پارہ:19، الشعراء،زیرِ آیت: 219،جلد:5،صفحہ:311۔

نور مبارڪ جڏهن حضرت نُوح عَلَيْهِ السَّلَام جي پيشانيءَ ۾ روشن ٿيو ته طوفانِ نُوح سان سڄي دنيا غرق ڪئي وئي پر حضرت نُوح عَلَيْهِ السَّلَام ۽ سندن ساٿين (Companions)کي ٻيڙيءَ جي ذريعي محفوظ رکيو ويو پوءِ اهو ئي نور مبارڪ جڏهن حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلام جي مبارڪ پيشانيءَ ۾ چمڪيو ته کين نمرود جي باهه (يعني نمرود جي ٻاريل ان وڏي باهه) کان محفوظ رکيو ويو ۽ باهه کي گلزار بڻايو ويو پوءِ اهو ئي نور مبارڪ جڏهن حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي مبارڪ پيشانيءَ ۾ چمڪيو ته سندن فديي ۾ جنتي گِهيٽو (Lamb)آندو ويو، مطلب ته منهنجي آقا جو پيارو پيارو مبارڪ نور جڏهن کان تخليق ٿيو، هر هر لمحي ان جي حفاظت (Protection) ڪئي وئي، ان مبارڪ نور تي رحمت ۽ عنايتن جي بارش وسندي رهي، ايتري تائين جو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ظاهري دنيا ۾ جلوه گر ٿيا.

محبوب ہو تم خالقِ کل، مالک کل کے | کیوں خلق پہ قبضہ نہ ہو سرکار تمہارا
تم پیارے نبی نُورِ جلی، سرِّ خفی ہو | اللہ تَعَالیٰ ہے خبردار تمہارا (1)

**وضاحت:** اي پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان هر شيءِ جي خالق، هر شيءِ جي مالڪ الله ڪريم جا محبوب آهيو، پوءِ توهان جو سڄي مخلوق تي قبضو ڇو نه هوندو...؟ توهان روشن نور، هڪ لڪيل راز آهيو، الله پاڪ ئي آهي جيڪو توهان جي خبرچار لهندڙ، توهان جي حقيقت کي پوريءَ طرح ڄاڻيندڙ ۽ توهان کي پنهنجي رحمت جي ڇانوَ ۾ رکندڙ آهي.

## گستاخن تي باهه وسي پئي

پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي ننڍپڻ (***Childhood***) جي ڳالهه آهي، جڏهن سندن دائي صاحبه سيده حليمه سعديه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا مڪه مڪرمه حاضر ٿي، سيدِ عالم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي خدمت لاءِ قبول فرمايو

1...قبالهٔ بخشش، صفحه:46-47 ملتقطًا۔

تہ حضرت حليمہ سعديہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: مون ماهِ ذيشان، مکي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي گود ۾ کنيو، سندن امڙ جان حضرت آمنہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا کي الوداع چيو، پنهنجي ڏاچيءَ تي سوار ٿيس تہ ڏاچي پنهنجو منهن کعبہ شريف ڏانهن کيو، ٽي سجدا کيا، پوءِ پنهنجي رستي تي هلي پئي.

اللّٰهُ اَکْبَر! هي اها ئي ڏاچي هئي جيکا گهڻي ڏبري ۽ کمزور (Weak) هئي، جڏهن سيده حليمہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا مکي پاک اچي رهي هئي تہ اها ڏاچي سڀني کان پوئتي پوئتي هئي، هلي ئي نہ پئي سگهي پر هاڻي ان جو شان نرالو هو، اها ئي ڏبري ۽ کمزور ڏاچي هاڻي سڀني کان اڳتي اڳتي هلي رهي هئي. ٻين عورتن سيده حليمہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا کان پڇيو: اي حليمہ! ڇا هي اها ئي ڏاچي آهي؟ ان جو شان عجيب آهي. سيده حليمہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: مون ٻڌو تہ ڏاچي ڳالهائي چئي رهي هئي: وَاللّٰهِ اِنَّ لِيْ لَشَانًا ثُمَّ شَاْنًا بَعَثَنِيَ اللّٰهُ بَعْدَ مَوْتِيْ اللّٰه پاک جو قسم! اڄ منهنجي وڏي شان آهي، پوءِ وڏي ئي شان آهي، اڄ ربِ قدير مون کي موت کانپوءِ زندگي عطا ڪئي آهي.(1)

سيده حليمہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: رستي ۾ هک هنڌ تي مون ڏٺو، 40 غير مسلم (Non-Muslims) گڏ هئا، انهن وٽ اگهاڙيون تلوارون هيون ۽ محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بابت ڳالهيون کري رهيا هئا، جڏهن انهن آمنہ جي لال، رسولِ بي مثال صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏٺو تہ چيائون: وَيْحَكُمْ هٰذَا هُوَ الْغُلَامُ فَاقْتُلُوْهُ توهان جو برو ٿئي، هي اهو ئي آهي، هن کي قتل کري ڇڏيو! (مَعَاذَ اللّٰه)! سيده حليمہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: انهن جي هي ڳالهہ ٻڌي منهنجي واتان بي اختيار نکتو: وَامُحَمَّدَاهُ! افسوس...!! مُحَمَّد! بس منهنجي زبان مان ايترو نکرڻ جي دير هئي محبوبِ خدا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجون مبارک اکيون

1... البلبل الصادی،مولد الشيخ عقيل افندی، صفحہ:188-189خلاصۃً۔

ڪوليون، نگاھِ مقدس آسمان ڏانهن ڪنيائون، بس پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نظر مبارڪ آسمان تي پوڻ جي دير هئي تہ اوچتو آسمان مان هڪ باھ وسي جنهن انهن 40 جي 40 غير مسلمن کي ساڙي ڪاڪ ڪري ڇڏيو.(1)

نُورِ خُدا ہے کفر کی حرکت پہ خندہ زن | پھونکوں سے یہ چراغ بجھایا نہ جائے گا (2)

سُبْحٰنَ الله! ڏسو! الله پاڪ کي پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪهڙي محبت آهي...!! پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪهڙي ڪهڙي طرح حفاظت ڪئي وئي، مطلب تہ محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي بلند رتبا آهن جو جڏهن کان الله پاڪ سندن نور مبارڪ پيدا فرمايو، تڏهن کان هينئر تائين هر هر لمحو، هر هر ڏينهن، هر هر ڪلاڪ الله پاڪ جي نظرِ عنايت ۽ محبت، حفاظت ۽ نگهداشت پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ آهي.

## پياري آقا جو نرالو شان

پيارا اسلامي ڀائرو! هن مقام تي هڪ تمام خوبصورت ۽ ايمان افروز نڪتو (Point) آهي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ پنهنجي نبي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو شان بيان فرمايو آهي، ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ اَيَّدْنٰهُ بِرُوْحِ الْقُدُسِ ؕ (سيپارو: 3، البقرة: 253) | ترجموڪنزُ العرفان: ۽ پاڪ روح سان ان جي مدد ڪئي. |

هي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو شان آهي تہ پاڻ مُؤَيَّد بِالْجِبْرِيْل آهن يعني ڪين حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام کان تائيد (Support) ۽ قُوَّت (Strength) ڏني وئي، حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام کي حڪم هو تہ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام سان گڏ رهن، تنهنڪري پاڻ سفر ۾ ۽ حضر ۾ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام سان گڏ رهيا.[3] يقيناً هي بہ وڏو شان آهي پر قربان وڃجي! منهنجي ۽ توهان جي آقا، مڪي مدني

---

1... البلبل الصادی،مولد الشيخ عقيل افندی، صفحہ:139-140 ملتقطاً۔
2... بہار ستان، صفحہ:151۔
3... تفسيرِ خازن،پارہ:1،البقرہ،زيرِ آيت:87،جلد:1،صفحہ:59 خلاصۃً۔

مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جا بہ آقا آهن، امام الانبياء آهن، نبين جا نبي آهن، پاڻ مُؤَيَّد بِالْجِبْرِيْل نہ پر مُؤَيَّد بِالله آهن، يعني پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام جي ذريعي تائيد نہ ڏني وئي پر الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| مَا وَدَّعَكَ رَبُّكَ وَمَا قَلٰى ؕ﴿۳﴾ (سيپارو: 30، والضُّحيٰ: 3) | ترجمو ڪنزُ العرفان: تنهنجي رب نہ توکي ڇڏيو نہ ناپسند ڪيو. |

معلوم ٿيو: اهي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام هئا جن کي حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام جي ذريعي قوت ڏني وئي، هي محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم آهن، ڪين الله پاڪ پنهنجي خاص عنايت ۽ تائيد، مدد ۽ نصرت، رحمت ۽ مهرباني سان سرفراز فرمايو آهي.

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ اصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ فَاِنَّكَ بِاَعْيُنِنَا (سيپارو: 27، الطور: 48) | ترجموڪنزُالعرفان: اي محبوب! اوهان پنهنجي رب جي حڪم تي قائم رهو جو بيشڪ اوهان اسان جي نگاهن (حفاظت) ۾ آهيو. |

الله! الله! هي منهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو نرالو شان آهي...!! پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم هر وقت، هر لمحي الله پاڪ جي حفاظت ۽ رحمت، عنايت ۽ نصرت ۽ مدد ۽ تائيد سان سرفراز آهن.

## قرآنِ ڪريم ٿورو ٿورو نازل ٿيڻ جي هڪ حڪمت

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم مُؤَيَّد بِالله آهن يعني پاڻ کي الله پاڪ خاص پنهنجي تائيد ۽ مدد سان سرفراز

فرمايو آهي. ان جي هڪ مثال (Example) هي بہ آهي تہ ۞ الله پاڪ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تي توريت شريف نازل فرمايو تہ پورو توريت هڪ ئي ڀيري نازل فرمايو ۞ حضرت دائود عَلَيْهِ السَّلَام تي زبور شريف نازل فرمايو تہ پورو زبور شريف هڪ ئي ڀيري ۾ نازل فرمايو ۞ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تي انجيل شريف نازل فرمايو تہ پورو انجيل شريف هڪ ئي ڀيري ۾ نازل فرمايو، پر محبوبِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي جڏهن قرآنِ ڪريم نازل فرمائڻ چاهيو تہ پورو قرآن هڪ ئي ڀيري ۾ نہ لاٿو بلڪ 23 سالن جي عرصي ۾ ٿورو ٿورو ڪري نازل فرمايو. آخر ڇو؟ ان ۾ بہ تائيدِ مصطفيٰ جو پهلو آهي، توهان قرآني آيتون ۽ انهن جا شانِ نزول پڙهي ڏسو! ۞ منهنجي محبوب آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي جڏهن جڏهن ڪو اهم فيصلو درپيش ٿيو، الله پاڪ وحي نازل فرمائي ۞ جڏهن جڏهن ڪو اهم واقعو پيش آيو، الله پاڪ وحي نازل فرمائي ۞ تبليغ دين ۾ ڪا مشڪل (Difficulty) پيش آئي، الله پاڪ وحي لاٿي ۞ ڪافرن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏک پهچايو، الله پاڪ وحي لاٿي ۞ غير مسلمن دلِ مصطفيٰ کي ڏک رسايو، ربِ ڪريم قرآني آيتون موڪلي تسلي ارشاد فرمائي ۞ منافقن سازشون (Conspiracies) رچايون، الله پاڪ وحي موڪلي پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مدد ۽ نصرت فرمائي، مطلب تہ 23 سالن تائين قرآنِ ڪريم جو نزول مسلسل جاري رهيو ۽ ائين هر هر موقعي تي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تائيد ۽ نصرت ۽ خصوصي مدد ۽ حفاظت (Help and Safety) جو سلسلو بہ هلندو رهيو.

## ڪافرن جي 3 سوالن جا جواب

روايتن ۾ آهي: هڪ ڀيري قريش جي ڪافرن پاڻ ۾ صلاح (Consult) ڪئي تہ يهودي اهلِ ڪتاب آهن، اهي نبين سڳورن عَلَيْهِمُ السَّلَام جي باري ۾ ڄاڻ رکن ٿا، ان ڪري هنن ڪجهہ ماڻهن کي يهودين ڏانهن موڪليو تہ جيئن

حضرت مُحَمَّد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي باري ۾ ڪائنات معلومات (Information) حاصل ڪن.

اهي ماڻهو مديني منوره پهتا، اتي رهندڙ يهودين کان ان جي باري ۾ معلومات ورتائون تہ هنن مڪي وارن کي ڪجهہ سوال ٻڌايا ۽ چيو: حضرت مُحَمَّد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان اهي سوال پڇو، جيڪڏهن اهي اسان جي ٻڌايل جواب مطابق جواب ڏين تہ سمجهي وججو تہ اهي سچا نبي آهن.

يهودي عالمن جي ڳالهہ ٻڌي اهي ٻئي شخص واپس اچي ويا. هاڻي مڪي جي ڪافرن کي هڪ وڏي واضح سجاڳپ ملي وئي هئي، هنن اهي سوال پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ پيش ڪري ڇڏيا! ان موقعي تي اللّٰه پاڪ سورت ڪهف ۽ سورت بني اسرائيل جون ڪجهہ آيتون نازل فرمايون.[1]

سُبْحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! مڪي جا ڪافر پنهنجي طور تي رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو امتحان وٺي رهيا هئا، اللّٰه پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي تائيد فرمائي ۽ وحي نازل ڪري اهو واضح ڪري ڇڏيو تہ محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سچا نبي آهن. هي صرف هڪ موقعو ناهي، توهان تفسير صراط الجنان جي مدد سان تمام قرآني آيتن جا شانِ نزول ڳڏ ڪريو! انهن کي پڙهو! خبر پوندي تہ
اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هر هر موقعي تي اللّٰه پاڪ قرآني آيتون نازل فرمائي پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي تائيد ۽ مدد فرمائي آهي.

خير! هي هڪ خوبصورت آيتِ ڪريمہ آهي:

مَا وَدَّعَكَ رَبُّكَ وَ مَا قَلٰىؕ (۳)

(سيپارو: 30، والضُّحيٰ: 3)

ترجمو ڪنزُ العرفان: تنهنجي رب نہ توکي ڇڏيو نہ ناپسند ڪيو.

1... تفسير بغوی، پاره:15، الكہف، زيرِ آيت:85، جلد:2، صفحہ:711 خلاصةً۔

هن آيتِ ڪريمہ جي ضمن ۾ محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي ٻين بہ ڪيترين ئي شانن جو بيان آهي، وقت جيئن تہ گهٽ آهي، ان ڪري آخر ۾ هن آيتِ ڪريمہ جي باري ۾ هڪ ايمان افروز نڪتو پڻ ٻڌي وٺو

## غلامانِ مصطفيٰ جي فضيلت

امام فخر الدين رازي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ هي ايمان افروز نڪتو بيان ڪيو آهي، خلاصتاً (Briefly) عرض ڪري رهيو آهيان، پاڻ لکن ٿا: الله پاڪ فرمايو:

مَا وَدَّعَكَ رَبُّكَ وَمَا قَلٰىؕ ﴿۳﴾

(سيپارو: 30، والضُّحيٰ: 3)

ترجمو ڪنزُ العرفان: تنهنجي رب نہ توکي ڇڏيو نہ ناپسند ڪيو.

هتي ڏسو! الله پاڪ ڪنهن کي نہ ڇڏيو؟ فرمايائون: ”كَ“ اي محبوب! توهان کي نہ ڇڏيو. ۽ الله پاڪ ناراض ڪنهن کان نہ ٿيو؟ ان جو آيت ۾ ذڪر ناهي. تنهنڪري هاڻي آيت جو مفهوم صرف اهو نہ هوندو تہ اي محبوب! الله پاڪ توهان کان ناراض نہ ٿيو، بلڪ معنيٰ آهي: الله پاڪ ناراض نہ ٿيو. ڪنهن کان ناراض نہ ٿيو؟ امام رازي فرمائن ٿا: مطلب هي آهي تہ ۞ اي محبوب! الله پاڪ توهان کان بہ ناراض نہ ٿيو ۞ توهان جي صحابہءِ ڪرام کان بہ ناراض نہ ٿيو ۽ ۞ قيامت تائين جيڪو جيڪو خوش نصيب توهان جي سچي غلامي اختيار ڪندو، توهان سان سچي محبت ڪندو، توهان جي صدقي ۾ الله پاڪ ان کان بہ ناراض نہ ٿيندو.(1)

سُبْحٰنَ الله! هي بہ محبوبِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شانِ محبوبيت آهي تہ پاڻ خود تہ الله پاڪ جا محبوب آهن ئي، ان سان گڏوگڏ الله ڪريم پاڻ کي هي شان بہ عطا فرمايو آهي تہ جيڪو خوش نصيب سندن دامنِ رحمت سان چنبڙي ويندو آهي، سندن سچي غلامي اختيار ڪري وٺندو آهي، الله پاڪ

1...تفسيرِ ڪبير،پاره:30،الضحٰی،زيرِ آيت:3،جلد:11،صفحہ:192 خلاصتاً

ان کي بہ پنهنجي رضا جي نعمت عطا فرمائيندو آهي. مولانا حسن ڪيڏي پياري ڳالهہ چئي آهي:

دِل سے ذرا یہ کہہ دے کہ اُن کا غُلام ہوں
ہر دُشمنِ خُدا ہو خُدا کو ابھی عزیز (1)

الله پاڪ اسان سينې کي محبوبِ ذيشان، رسولِ دوجهان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي سچي، پڪي محبت نصيب فرمائي، اهي صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنهم جيڪي معيارِ ايمان، معيارِ عشقِ رسول آهن، الله پاڪ اسان کي انهن سان بہ بي پناهہ عقيدت ۽ محبت رکڻ جي توفيق عطا ڪري.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آن لائن استخارہ موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ طرفان عوام جي آساني ۽ امتِ مصطفيٰ جي غمخواري لاءِ موبائل ايپلي ڪيشن ”Online Rohani Ilaj & Istikhara“ متعارف ڪرائي وئي آهي. هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان توهان ۞ آن لائن استخارو ڪرائي سگهو ٿا ۞ بيماري، نظرِ بد (Evil eye)، جادو، آسيب وغيره مسئلن جي حل لاءِ في سبيل الله تعويذ حاصل ڪري سگهو ٿا ۞ آن لائن ڪاٽ بہ ڪرائي سگهو ٿا. وڌيڪ هن ايپلي ڪيشن ۾ ۞ بيماري ۞ غربت (Poverty) ۞ غم، پريشاني ۞ ۽ آفتن ۽ بلائن (Calamities) وغيره کان حفاظت جا مختلف اوراد ۽ وظائف بہ شامل آهن. پنهنجي اسمارٽ فون ۾ هي ايپلي ڪيشن ڊائون لوڊ ڪري وٺو! پاڻ بہ فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب (Motivation) ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1...ذوقِ نعت، صفحہ:136۔

## بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪيان شرعي مسئلو

# صحيح ڇا آهي؟

(صحيح شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ موجود غلط فهمي جي نشاندهي)

**مسئلو:** مقدس نالي وارو بيج لڳائي بيت الخلا (واش روم) وڃڻ مڪروه ۽ بي ادبي آهي.

**وضاحت:** ربيع الاول شريف جو مهينو آهي، عموماً عاشقانِ رسول نعلين شريف وارا، خانهٔ ڪعبهٔ، گنبدِ خضراء جا نقش يا مختلف تحريرن وارا بيج لڳايا هوندا آهن، ياد رکو! اهڙا بيج لڳائي بيت الخلا ۾ وڃڻ مڪروه ۽ بي ادبي آهي.[1] اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي منڊي مبارڪ تي مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ الله لکيل هو، ترمذي شريف ۾ آهي: جڏهن پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم بيت الخلا ۾ ويندا هئا، ته پنهنجي منڊي مبارڪ (Ring) لاهي ڇڏيندا هئا.[2]

تنهنڪري يادگيري سان هن ڳالهه جو لحاظ ڪيو وڃي، مقدس نالن وارا، نعلينِ پاڪ، گنبدِ خضراء وغيره وارا بيج لڳائڻ بلڪل جائز آهي پر جڏهن به بيت الخلا ۾ وڃڻو هجي ته اهڙي قسم جو بيج لاهي ڪنهن مناسب جاءِ تي رکي ڇڏجي! جيڪڏهن ضايع ٿيڻ جو خطرو هجي ته کيسي (Pocket) ۾ وجهي ڇڏجي! يا ڪا به ادب واري صورت اختيار ڪري ڇڏجي! الله پاڪ اسان کي صحيح اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... دَارُالۡاِفۡتَاء اَہۡلسُنَّت ، غیر مطبوعہ، فتاوىٰ نمبر:Sar-7584 ـ
2...ترمذی، کتاب اللباس، باب ما جاء فی لبس الخاتم، صفحہ:437، حدیث:1746ـ

# اَسماءُ الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

## يَاحَفِيْظُ

جيڪو روزانو 16 ڀيرا يَاحَفِيْظُ پڙهندو، هر طرح سان بهادر رهندو.[1]

اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... مدنی پنج سورہ، صفحہ:251۔